
# شاهه جي ٻوليءَ کي لوڏو ناهي ڪو



ادل سومرو

پڙهجي لکجي ۽ سنڌي ڳالهائجي
هي متو آهي دراوڙ ديس جو

سنڌي ٻولي پاڙهجي جنهن ۾ نٽي
ٻار کي اسڪول ۾ ڇو موڪليان

سنڌي ٻولي ساهه ٿي اوڪو ڪٽي
شيام جا الڪا اجايا ڪين ها

آئون ان هوٽل ۾ ويهان ڇو وڃي
بورڊ هڪڙو ٻي سنڌيءَ ۾ ڪونہ هو

ديس منهنجي جي هوا ڏس جهومندي
گيت سنڌيءِ ۾ چوي ٿي مرڪندي

هو ملاحن سان ڪچهريون ٿو ڪري
سمنڊ کي سنڌي اچي ٿي سومرا

پيار جو اظهار دل سان ٿو ڪيان
ماءُ جي ٻوليءَ ۾ توسان روبرو

ها ٻيون ٻوليون اهي آهن مگر
ڳالهہ سنڌيءَ ۾ ڪيون ٿا سومرا

ٻارڙا اسڪول ۾ ويتا پڙهن ٿا
شاهه جي ٻوليءَ کي لوڏو ناهي ڪو